# باندَرمَلَ جي ڇَٽي پُراڻي

باندَرمَلَ جي ڇَٽي پُراڻي
چَئن هَنڌن تي آهي ڪاڻي
جڏهن مينهنُ ڪري وَسڪارا
ڇُٽن ڇَٽيءَ مان ٿا نيسارا
ڪِري، پُسائي، پاڻي پاڻي
باندَرمَلَ جي ڇَٽي پُراڻي
چَئن هَنڌن تي آهي ڪاڻي
ڇَٽي پُراڻي
جڏهن ٿِئي ٿو اُسَ کان وِياڪُل
چَوي ڇَٽيءَ کي باندَرمَل ”ڪُلُ“
ٿِئي اونهاري ۾ پيي ساڻي
باندَرمَلَ جي ڇَٽي پُراڻي
چَئن هَنڌن تي آهي ڪاڻي
ڪُلهي رَکي بَندوُقَ بَڻائي
پُڇَندو آهي، ”ڪو تہ ٻُڌائي
پيڪي ويئي ڇا گهرَ جي راڻي ؟“
باندَرمَلَ جي ڇَٽي پُراڻي
چَئن هَنڌن تي آهي ڪاڻي
جڏهن مينهنُ ڪَري وَسِڪارا
ڇُٽن ڇَٽيءَ مان ٿا نيسارا
ڪِري، پُسائي، پاڻي پاڻي
باندَرمَلَ جي ڇَٽي پُراڻي
چَئن هَنڌن تي آهي ڪاڻي

Poet: Vasudev ‘Nirmal’

Singer: Priyanka Keswani

Music Director: Jagdish Lalwani